
# اعليٰ حضرت جون وصيتون

يوم رضا جي اجتماع جو بيان



**25-Safar ul Muzaffar-1447H**

يومِ رضا جي اجتماع جو بيان 19 آگسٽ 2025ء (بمطابق: 24ءِ 25 صفر شريف (اڱاري ۽ اربع) جي وچ واري رات 1447ھ)

# اعليٰ حضرت جون وصيتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... ڪرنڌڙ ڪي سنڀالي ورتو
- ✿... عاشقانِ رسول جي پهچان جو طريقو
- ✿... سڀ ڪان سٺي ڳالهه
- ✿... بيان ڪرڻ سُنت انبياء آهي.

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي هڪ پيرو درودِ پاڪ پڙهندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جيڪو مون تي 10 پيرا درودِ پاڪ پڙهندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي 100 رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي 100 پيرا درودِ پاڪ پڙهندو آهي، اللّٰه پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي ٻانهو منافقت کان ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي.[1]

نامِ حضرت پہ لاکھ بَار دُرود — بے عَدد اور بے شُمار دُرود
ہم کو پڑھنا خُدا نصیب کرے — دَم بدَم اور بَار بَار دُرود
مومنو! آپ پر پڑھے جاؤ — باادَب اور باوَقار دُرُود
جو مُحِبّ نبی ہے اے کافؔی! — چاہیے اُس کو بار بار دُرُود (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي درودِ پاڪ جي عظيم الشان برڪت آهي ته ان جي صدقي دل مان منافقت جا اثرات ختم ٿيندا آهن ۽ ايمان پختو ٿي ويندو آهي. علامه ابنِ حجر هيثمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: درودِ پاڪ هڪ نيڪي ناهي، بلڪ اهو ڪيترين ئي نيڪين جو مجموعو آهي ۞ درود پڙهڻ سان ايمان تازو ٿيندو آهي، هي هڪ نيڪي ۞ درود پاڪ جي برڪت سان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي

---

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،فى الصلوة على النبى...الخ،جلد:10، صفحہ:184، حديث:17298۔

2... کافی کی نعت، صفحہ:38۔

يقين وڏي ويندو آهي، هي ٻي نيڪي ۞ درود پاڪ پڙهڻ ۾ تعظيمِ مصطفيٰ آهي، هي ٽين نيڪي ۞ درود پاڪ پڙهڻ سان آخرت تي ايمان پڪو ٿيندو آهي، هي چوٿين نيڪي ۞ درود پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احسانن جو ذڪر آهي، هي پنجين نيڪي ۞ درود پاڪ ۾ نيڪن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر آهي ۽ نيڪن جي ذڪر تي رحمت نازل ٿيندي آهي، هي ڇهين نيڪي آهي.[1]

اهڙي طرح ٻيون ٻہ گهٽيون ئي نيڪيون آهن جيڪي هڪ درود پاڪ جي ضمن ۾ اچي وڃن ٿيون. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ دل ۾ ايمان وڌائڻ، عشقِ مصطفيٰ کي وڌائڻ ۽ الله پاڪ جي رحمتن جو حقدار بڻجڻ لاءِ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا رهون.

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرُود پڑھو! | مُحِبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر دُرُود پڑھو!
جو اپنے کاموں کا اَنجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیش تر دُرُود پڑھو!
ہزار دَرد کو یہ ایک دَوا کِفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطر دُرُود پڑھو!(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الدر المنضود، مقدمہ، الفائدة الرابعہ...الخ، فوائد فی الامر بالصلاة عليہ، صفحہ:22۔
2... نورِ ايمان، صفحہ:56تا57 ملتقطاً۔
3... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

# ڪِرندڙ ڪي سنيالي ورتو

سيّد رضا علي صاحب، اعليٰ حضرت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي مريدن مان آهن، فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ڪان مريد ٿيڻ ڪان پهريان جي ڳالهه آهي، مون کي پيرِ ڪامل جي تلاش هئي، چاهيان پيو ته ڪو ڪامل پير ملي ته مريد ٿي وڃان، مون کي ڪنهن چيو: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه هن دور جا ڪامل ولي آهن، اوهان ان جا مريد ٿي وڃو! مون چيو: جيستائين ڪجهه ڏسي نه وٺندس، تيستائين مريد نه ٿيندس.

اهو انهن جو واقعي وڏو اهم احتياط آهي. مريد ٿيڻ تمام اهم ڳالهه آهي، مريد ٿيڻ جو مطلب هوندو آهي ته پاڻ کي پنهنجي شيخ جي حوالي ڪري ڇڏڻ. ظاهر آهي ايڏو وڏو فيصلو بغير سوچڻ سمجهڻ جي ته نٿو ڪري سگهجي. اڄڪلهه چو ته معلومات جي ڪوت آهي، حالات اهڙا آهن جو بس جنهن ڏانهن دل مائل ٿي، ان جي ئي هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏيو. ائين نه ڪرڻ گهرجي، ها! پير صاحب ڪان ڪرامتون گهرڻ بي ادبي آهي. البته! شريعت جي ڳالهه ته مڃبي، شريعت ڪامل پير جون 4 شرطون ٻڌايون آهن: (1): صحيح العقيده سُنّي هجي (2): ايترو علم رکندو هجي جو پنهنجي ضرورت جا مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي (3): فاسقِ مُعلن (يعني اعلانيه گناهه ڪرڻ وارو) نه هجي (4): ان جي بيعت جو سلسلو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين مليل هجي. جتي انهن شرطن مان ڪا شرط گهٽ آهي، بيعت جائز ناهي.[1]

خير! سيّد رضا علي صاحب فرمائن ٿا: ڪافي عرصي تائين مان ڪامل پير جي تلاش ۾ رهيس. آخر هڪ پيرو ائين ٿيو، مان رات جو سمهي پيس، قسمت جاڳي پئي، مون خواب ڏٺو: مان هڪ کليل ميدان ۾ آهيان ۽ ڪِرڻ لڳو هان. اتي ئي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه تشريف فرما ٿيا، پاڻ مون ڪرندڙ کي سنيالي بيهاري ڇڏيو. صبح ٿيو، مون اهو خواب پنهنجي دوست نياز احمد صاحب کي ٻڌايو، هن فرمايو: اوهان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جا مريد ٿيو! اعليٰ حضرت واقعي ڪرندڙن کي سنيالي وٺندا آهن. بس اها ڳالهه ٻڌي ۽ مان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي مبارڪ هٿ تي مريد ٿي ويس.[2]

---

1...فتاويٰ رضويه، جلد:26، صفحه:568-
2... فيضانِ اعليٰ حضرت، صفحه: 439 بتصرف-

وَفِیْۤ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ ہر اِک سائل کا حق ٹھہرا

نہیں پھرتا کوئی مَحْرُوم ایسے باسخا تم ہو

بھکاری تیرے در کا بھیک کی جھولی ہے پھیلائے

بھکاری کی بھرو جھولی گدا کا آسرا تم ہو

وضاحت: الله پاڪ جي فرمان وَالَّذِیْنَ فِیْۤ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ (۽ اهي جن جي مال ۾ هڪ معلوم حق آهي (سيپارو: 29، سورت معارج: 24) جي مطابق مالدارن جي مال ۾ هر نادار جو حق هوندو آهي، اي منهنجا پير مرشد! اي امام احمد رضا خان! اوهان ته اهڙا سخي آهيو جو اوهان جو ڪو به سوالي اوهان جي دربار مان محروم نٿو وڃي، اوهان جي در جو فقير جهولي پڪيڙي بيٺو آهي، ان جي جهولي پري ڇڏيو! جو ان جو آسرو صرف اوهان آهيو.

خائفِ کبریا ہیں رضا ہیں رضا | عاشقِ مصطفےٰ ہیں رضا ہیں رضا

صوفیِ باصفا ہیں رضا ہیں رضا | صاحبِ اِتّقا ہیں رضا ہیں رضا

عاشقِ اولیا ہیں رضا ہیں رضا | زینتِ اَتْقِیا ہیں رضا ہیں رضا (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اي عاشقانِ رضا! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ۞ عاشقن جا امام آهن ۞ سُنّين جا امام آهن ۞ عالمن جا امام آهن ۞ عابدن جا امام آهن ۞ زاهدن جا امام آهن ۞ اهلِ تقويٰ جا امام آهن ۞ فقيهن، محدثن، مفسرن جا امام آهن ۞ پاڻ مجدد به آهن ۞ مفسر به آهن ۞ محدث به آهن ۞ تمام وڏا عالم به آهن ۞ انتهائي ذهين (Intelligent) مفتي به آهن ۞ قرآن جا حافظ به آهن ۞ ۽ سڀ کان وڌيڪ هي ته مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا عاشق به آهن.

1... وسائلِ فردوس، صفحه:62 ملتقطاً.

| | |
|---|---|
| ایک سچا عاشقِ نورِ مجسّم بولیے | اُن کو اُن کے عہد کا سالارِ اعظم بولیے |
| جن سے ہوں آباد علم و آگہی کی بستیاں | ہیں جنم لیتی کئی صدّیوں میں ایسی ہستیاں |

سندن ولادت مبارڪ 10 شوال 1272 هجري بمطابق 14 جون 1856ع تي هندستان جي شهر بريلي ۾ ٿي. ۞ سندن 4 سالن جي عمر ۾ ناظره قرآن ڪريم ختم ڪيو ۞ صرف 13 سال 10 مهينا 4 ڏينهن جي عمر ۾ ديني تعليم مڪمل ڪئي ۽ پهرين فتوا لکي. ۞ اندازاً 70 ڪان وڌيڪ علمن ۾ لڳ ڀڳ 1000 ڪتاب لکيا. ۞ قرآن ڪريم جو ترجمو ڪنزالايمان ۞ فتاويٰ رضويہ ۞ حدائق بخشش، سندن علمي ۽ ادبي شاهڪار آهن. ۞ پاڻ رَحمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه 2 ڀيرا حج جي سعادت حاصل ڪئي ۞ ٻئي ڀيري جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي تي حاضر ٿيا تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاڳندڙ اکين سان ڪين پنهنجي ديدار سان نوازيو ۞ تقوا ۽ پرهيزگاري ايتري قدر هئي جو نہ صرف فرائض ۽ واجبات جا سختي سان پابند هئا بلڪ سنتن، نفلن ۽ مستحبن کي بہ نہ ڇڏيندا هئا ۞ گهٽ ڪائيندا ۽ گهٽ سمهندا هئا ۞ پاڻ رَحمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه 25 صفر شريف 1340 هجري بمطابق 28 آڪٽوبر 1921ع جمعي جي ڏينهن هن دنيا مان رحلت فرمائي. ۞ سندن مزار بريلي شريف ۾ آهي. 25 صفر شريف تي پوري دنيا ۾ سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. (1)

| | |
|---|---|
| تُو نے باطِل کو مٹایا اے امام احمدرضا! | دِین کا ڈنکا بجایا اے امام احمدرضا! |
| اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا اے امام احمد رضا!( 2 ) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هدايت تائين پهچائڻ وارا ماڻهو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِله! الله پاڪ جو وڏو فضل آهي جو اسان کي اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سڃاڻپ نصيب

1... فيضانِ امامِ اہلسنت(خصوصی شمارہ)، صفحہ:22تا24 ملخصاً بتصرف ۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:525 ملتقطاً۔

تي، سندن سان محبت ڪرڻ واري دل ۾ قرآن و سنت جي روشنين ۾ چيل سندن هر هر ڳالهه تي يقين رکڻ واري سوچ نصيب تي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪرندڙن کي سنڀالڻ وارا، ڀٽڪيلن کي سڌي راهه تي آڻڻ واري عظيم شخصيت آهن.

| | |
|---|---|
| اے رضا مرتبہ کتنا ہوا بالا تیرا | ہند تو ہند عرب میں ہوا شہرہ تیرا |
| نام اعلیٰ ہے ترا حضرتِ اعلیٰ تیرا | کام اَولیٰ ہے ترا اے شہِ والا تیرا |
| تیرے اچھّوں نے کیا ہے بڑا اَچھّا تیرا | پھر بَھلا کیا کوئی بدخواہ کرے گا تیرا |
| کارنامہ تیری تَجْدِید کا اللہ اللہ | مَسْلکِ اہلِ سُنن بن گیا رستہ تیرا |

ذهن ۾ سوال اڀري سگهي ٿو: اها ڪهڙي ڳالهه ڪري چئجي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڀٽڪيلن کي سڌي رستي تي آڻڻ وارا، ڪرندڙن کي سنڀالڻ وارا ڪيئن ٿي ويا...؟ اچو! قرآن ڪريم جي آيت ٻڌو! الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مِمَّنْ خَلَقْنَاۤ اُمَّةٌ یَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ (پاره:9، سورۂ اعراف:181)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان جي مخلوق مان هڪ اهڙو ٽولو آهي جيڪو حق جي هدايت ڏيندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي وڏي ايمان افروز آيتِ سڳوري آهي. ٿورو ڳالهه کي سمجهو. سورت اعراف جو هي مقام جتان مون آيتِ سڳوري ٻڌائي، ان مقام تي الله پاڪ ٻن قسمن جي ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي، پهرين قسم جي متعلق فرمايائين:

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِیْرًا (پاره:9، سورۂ اعراف:179)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان جهنم جي لاءِ ڪيترائي جن ۽ انسان پيدا ڪيا آهن

(1): يعني هڪ گروهه تہ اهو آهي، جيڪو جهنم جي ئي لائق آهي، جهنم ۾ ئي وڃڻ لاءِ آهي، يعني انهن جا ڪم ۽ ڪرتوت ئي جهنمين وارا آهن،[1] ان کانپوءِ ٻئي قسم جي متعلق فرمايائين:

1... تفسیر ماتریدی، پارہ:9، سورۂ اعراف،زیرِ آیت:179، جلد:5، صفحہ:95مفہوماً ۔

وَ مِمَّنْ خَلَقْنَاۤ اُمَّةٌ (پاره:9، سورۂ اعراف:181) | ترجمو كنز العرفان: ۽ اسان جي مخلوق مان هڪ اهڙو ٽولو آهي.

(2): يعني ٻيو گروهه اهو آهي جنهن کي جنت لاءِ بڻايو ويو آهي، انهن کي جنتي عملن جي توفيق بخشي وئي آهي، هي جنتي آهن، جنت لاءِ ئي بڻايا ويا آهن.[1] هي ڪير ماڻهو آهن؟ ڇا ڪندا آهن؟ انهن جا عمل ڪيئن آهن؟ فرمايائون:

يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ (پاره:9، سورۂ اعراف:181) | ترجموكنزالعرفان: جيڪو حق جي هدايت ڏيندو آهي.

يعني هي اهي ماڻهو آهن جيڪي راهِ حق جي هدايت ڏيندا آهن، جيڪو انهن جي پيروي ڪندو آهي، ان کي گمراهين کان بچائي حق جي راهه تي آڻيندا آهن، پاڻ به سچن عقيدن، اسلام جي سچي تعليم تي ثابت قدم رهندا آهن ۽ پنهنجن مڃڻ وارن، چاهڻ وارن کي به سچن عقيدن ۽ سچي تعليم تي ثابت قدم رکندا آهن.[2]

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن آيت مان معلوم ٿي ويو ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري اُمت ۾ اهڙا ماڻهو ايندا رهيا ۽ آينده به ايندا رهندا جيڪي ماڻهن کي راهِ حق جي هدايت ڏيندا هئا، ڏيندا آهن ۽ ڏيندا رهندا. الله پاڪ جي فضل سان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه به ان پاڪيزه گروهه ۾ شامل هڪ وڏي رُتبي واري هستي آهن.

ہے رضائے مصطفٰے احمد رضا | ہے عطائے مرتضٰی احمد رضا
رہبر اور رہنما احمد رضا | حق نما حق آشنا احمد رضا
نائب مختارِ کل، غوث الورٰی | نائب غوث الورٰی احمد رضا

## عاشقانِ رسول جي سچاٽپ جو آسان طريقو

حضرت علامه قادر بخش سَهَسَرامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا عالمِ دين ٿي گذريا

1... تفسير ماتريدی، پاره:9، سورۂ اعراف،زيرِ آيت:179، جلد:5، صفحہ:95 مفہوماً ۔
2... تفسير نسفی، پاره:9، سورۂ اعراف،زيرِ آيت:181،جلد:1، صفحہ:620 مفصلاً۔

آهن، هڪ ڀيري ڪائنس ماڻهن پڇيو تہ اسان ڪي عاشقِ رسول سني ۽ بدمذهب جي سڃاڻپ جو ڪو سادو اصول ٻڌايو! پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون: جنهن ٻانهي جي باري ۾ اهو ڄاڻڻو هجي تہ بدمذهب آهي يا عاشقِ رسول آهي تہ ان جي سامهون مولانا احمد رضا خان صاحب جو ذڪر شروع ڪري ڇڏيو! جيڪڏهن ان جو چهرو ٻهڪي پوي تہ يقين ڄاڻو تہ عاشقِ رسول سني آهي ۽ جيڪڏهن مُنهن ۾ گُهنج پئجي وڃن تہ سمجهو بدمذهب آهي.[1]

| | |
|---|---|
| جلوه ہے، نُور ہے کہ سراپا رضا کا ہے | تصویرِ سُنّیت ہے کہ چہرہ رضا کا ہے |
| اِس دورِ پُرفتن میں نظر خوش عقیدگی | سرکار کا کرم ہے وسیلہ رضا کا ہے |

وضاحت: حضور اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي نور الٰهي جو فيضان ڀرپور نظر اچي ٿو ۽ سندن چهرو مبارڪ سنيت جي سڃاڻپ آهي، الله پاڪ جي ڪرم سان جيڪڏهن اڄ اسان ڪي سنو عقيدو حاصل آهي تہ اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وسيلي سان حاصل ٿيو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هن جي پويان هلندو وڃ! سڀ تنهنجي پويان هلندا

هڪ ڀيري سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مهائم شريف (هند) جي هڪ مجذوب سان ملاقات لاءِ تشريف وٺي ويا، حضرت عبدالسلام جبل پوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ ساڻ هئا. مفتي برهان الحق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن اسان انهن وٽ پهتاسين تہ مجذوب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه متي تي عمامو شريف سجايو، تخت تي ويٺا دلائل الخيرات شريف پڙهي رهيا هئا.

هنن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خوب مهمان نوازي ڪئي، جڏهن واپس اچڻ لڳاسين تہ مون انهن مجذوب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا قدم مبارڪ پڪڙي عرض ڪيو: منهنجي لاءِ دعاءِ خير ڪري ڇڏيو! ان مجذوب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منهنجي ڀني تي هٿ رکيو ۽ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو:

1...حياتِ اعلیٰ حضرت، جلد:3، صفحه:274 ملخصاً.

هن جي پويان هلندو رهه! سڀ تنهنجي پويان هلندا.[1]

| | |
|---|---|
| ميں گرفتارِ بلائے دوجہاں | ہر بلا سے کر رِہا! اَحمد رضا! |
| تُم ہی مُرشِد، تم دوائے رَنج و غَم | مجھ پہ بھی چَشمِ عطا! اَحمد رضا! |

## فيضِ رضا کي دنيا ۾ ظاهر ڪري ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه تي الله پاڪ جو هي وڏو ڪرم آهي، تمام وڏو احسان آهي جو هن دور ۾ سندن نالو حق جي سڃاڻپ آهي.

هاڻي هڪ خوبصورت ڳالهه عرض ڪيان: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه حق جي سڃاڻپ آهن ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پاڻ کي، پنهنجي سيني گهر وارن کي، سيني مريدن کي، سيني چاهڻ وارن کي عاشقِ اعليٰ حضرت بڻائي ڇڏيو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون اهڙيون آهن، جن کي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه جو تعارف ۽ سندن محبت ۽ عقيدت امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي دامن سان وابسته ٿيڻ جي بدولت نصيب ٿي آهي.

| | |
|---|---|
| فکرِ رضا کو کر دیا عالَم پہ آشکار | یہ تیرا اُونچا کام ہے اِلیاس قادری (2) |

## اميرِ اهلسنت جي اعليٰ حضرت سان محبت

اَلْحَمْدُلِلّٰه! امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه سان ڏاڍي محبت آهي، بيحد محبت آهي، جلوت هجي يا خلوت (يعني اڪيلائي ۾ هجن يا ماڻهن جي ميڙ ۾) پاڻ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه جو ذڪر خير ڪندا ئي رهندا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه جيڪي ولي الله آهن، سچا عاشقِ رسول ۽ اسان جا مسلم (مڃيل) بزرگ آهن، انهن جي عقيدت دل جي گهرائين ۾ سنڀالي رکڻ بيحد ضروري آهي، الله جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو

---

1...فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:340ملخصاً۔
2...مناقبِ عطار، صفحہ:11۔

فرمانِ برکت نشان آهي: اَلْبَرَكَةُ مَعَ اَكَابِرِكُمْ يعني برڪت توهان جي بزرگن سان آهي[1] ۞ پاڻ فرمائن ٿا: مسلڪِ اعليٰ حضرت کان تر برابر هٽڻ کان پهريان الله ڪريم مون کي ايمان ۾ عافيت سان موت عطا فرمائي.[2]

خادمِ نبی کے خُوشتَر الیاس قادری ہیں | علم و عمل کا مِحْوَر الیاس قادری ہیں
احمد رضا کا عاشِق اُن کو کہے زمانہ | علم و عمل کے پیکر الیاس قادری ہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت نماز لاءِ جاڳايو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اعليٰ حضرت امامِ اهل سنت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه واقعي وڏي رتبي وارا آهن، هي سچي ڳالھ آهي، جيڪو سندن دامنِ کي مضبوطي سان پڪڙيندو آهي، ان کي ٻنهي جهانن ۾ ڀلايون نصيب ٿينديون آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مريدن، چاهڻ وارن ۽ مڃڻ وارن کي ڪيئن نيڪ ڪمن ۾ لڳائيندا آهن، ٻڌو! سيّد قناعت علي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا مريد آهن. فرمائن ٿا: 14 ذوالحج، 1333 هجري جي ڳالھ آهي، صبح، صبح، نمازِ فجر جو وقت هو ۽ مان ستو پيو هيس. ننڊ دوران ئي مون خواب ڏٺو، ڇا تو ڏسان: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تشريف فرما ٿيا، منهنجي ساڄي هٿ جو آڱوٺو ۽ گڏ واري آڱر پڪڙي چڪيائون ۽ فرمايائون: اُٿ...!! نماز پڙهه! 5 ٿيا آهن.

فرمائن ٿا: ان سان گڏ ئي منهنجي اک کلي وئي، گھڙي ڏٺم تہ واقعي 5 ٿيا هئا، مان اٿيس ۽ نمازِ فجر ادا ڪيم.[3]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو شان آهي منهنجي آقا، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو. اوهان ڏسو! جيڪي پنهنجي مريدن جي نمازن جي اهڙي طرح حفاظت

1... علم و حکمت کے 125 مدنی پھول (تذکرہ امیر اہلسنت ، قسط:5)، صفحہ:79، 80۔
2... فیضانِ امامِ اہلسنت(خصوصی شمارہ)، صفحہ:10۔
3... فیضانِ اعلیٰ حضرت،صفحہ: 441۔

فرمائيندا آهن، مريد ستل هجي تہ جاڳائي نماز قضا ٿيڻ کان بچائي وٺندا آهن، اهي پنهنجي مريدن جي عقيدن جي معاملي ۾ ڪيترو خيال فرمائيندا هوندا...؟

| | |
|---|---|
| ہیں شریعت اور طریقت کے امام | پیکرِ عشق و وفا احمد رضا |
| دین و ایمان کی حفاظت تم نے کی | ہو ترا حافظ خُدا احمد رضا |

## نماز لاءِ جاڳائيندا ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن جاءِ تي اسان لاءِ بہ سکڻ جو سبق آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ظاهر آهي ولي الله آهن، پاڻ تہ صاحبِ ڪرامت آهن، هي شان رکندا آهن تہ خواب ۾ اچي نمازن لاءِ جاڳائين.

پر اسان ٿورو غور ڪيون: هلو! اسان خوابن ۾ اچي نماز لاءِ نٿا جاڳائي سگهون، چا اسان بيداريءَ ۾ ماڻهن کي نماز لاءِ جاڳايون ٿا...؟ جيڪڏهن اسان فجر لاءِ جاڳائيندا آهيون تہ ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو! جيڪڏهن نٿا جاڳايون تہ جاڳائڻ جي عادت بڻائي وٺو!

فجر جي لاءِ جاڳائڻ الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام پياري سنت بہ آهي. حضرت ابوبڪره (يعني نقيع بن حارث ثقفي) رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ نمازِ فجر لاءِ نڪتس تہ پاڻ جنهن سُتل شخص وٽان بہ گذرن پيا، ان کي نماز لاءِ آواز ڏيندا پيا وڃن.[1]

۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بہ اهو ئي انداز هو[2] ۽ ۞ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بہ هن پياري پياري سنت جا عامل هئا.[3]

اوهان بہ هي سنت اپنايو! نمازِ فجر لاءِ جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهڻيون برڪتون ملنديون ۞ ٻين کي جاڳائيندا تہ پاڻ بہ نمازِ فجر باجماعت پڙهڻ جي

---

1... ابو داؤد، صفحہ:208، حديث:1264۔
2... مشكاة المصابيح، جلد:1، صفحہ:244، حديث:1240ماخوذاً۔
3... تاريخ الخلفاء، صفحہ:112ماخوذاً۔

سعادت ملندي ۞ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سيني جي نمازن جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ اِنْ شَآءَالله الْكَرِيْم! اوهان جي اعمال نامي ۾ به لکيو ويندو ۞ صبح صبح پيادل هلڻ جو موقعو ملندو ته صحت سٺي رهندي ۞ هڪ اهم فائدو هي ته مسجد جي رونق وڌي ويندي. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## سيني سوالن جا تسلي بخش جواب ڏنا!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي وڏو شان عطا فرمايو آهي، پاڻ ڀليل ڀٽڪيلن کي راهِ حق جي هدايت ڏيڻ وارا آهن، سندن هڪ خوبصورت ۽ دلچسپ واقعو پڙهو!

هڪ ڀيري نمازِ ظهر کان پهريان جو وقت هو، مولانا نعيم الدين مرادآبادي ۽ مولانا رحم اِلٰهي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِما اعليٰ حضرت جي خدمت ۾ حاضر هئا، ايتري ۾ هڪ غير مسلم اتي پهتو. چوڻ لڳو: منهنجا ڪجھ سوالَ آهن، جيڪڏهن تسلي بخش جواب ڏنا ويا ته مان زال ٻارن سميت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندس.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: هاڻي ته نماز جو وقت ٿي ويو آهي، ڪجھ دير ترسو! نماز کانپوءِ اِنْ شَآءَالله الْكَرِيْم! توهان جي هر سوال جو جواب ڏنو ويندو. ان غير مسلم چيو: منهنجو پهريون سوال ته اهو ئي آهي ته توهان جي دين ۾ عبادت جا 5 وقت ئي ڇو مقرر آهن؟ الله پاڪ جي عبادت ته جيتري به ڪئي وڃي، سٺي ئي آهي، تنهن ڪري ان لاءِ وقت جو قيد نه هجڻ گهرجي ها؟ اهو ٻڌي مولانا نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فوراً فرمايو: هي سوال ته توهان جي مذهب تي به ٿئي ٿو ڇو ته توهان هن وقت جنهن مذهب تي هلو ٿا، ان ۾ به پوڄا پاٺ جو وقت مقرر آهي. مولانا رحم الاهي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه چيو: توهان جي مذهب جو ڪتاب منهنجي گهر آهي، مان گهرائي وٺان ٿو.

هاڻي هڪ شخص ڪتاب وٺڻ هليو ويو، طئي اهو ٿيو ته جيستائين ڪتاب اچي، تيستائين نماز ادا ڪري وٺجي، ان کانپوءِ باقي سوالن جا جواب به ڏنا ويندا. تنهنڪري اهو غير مسلم اتي ئي ترسيو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽

ٻين بزرگن باجماعت نمازِ ظهر ادا ڪئي. نماز ڪانپوءِ ان غير مسلم جي مذهب جو ڪتاب اچي چڪو هو، ان مان ڪڍي ڏيکاريو ويو تہ توهان جي مذهب ۾ عبادت (يعني پوجا پاٺ جا بہ وقت مقرر آهن، صبح ۽ شام). اهو ڏسي اهو غير مسلم مطمئن ٿي ويو.

هاڻي هن ٻيو سوال ڪيو، چيائين: جيڪڏهن قرآن الله جو ڪلام آهي تہ ٿورو ٿورو ڪري ڇو نازل ٿيو، الله پاڪ تہ هڪ ئي ڀيري سڄو قرآن بہ نازل ڪري سگهيو ٿي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمايو: جيڪا شيءِ عين ضرورت جي وقت ملندي آهي، دل ۾ ان جي اهميت وڏي ويندي آهي(مثال طور پاڻي عموماً اسان کي هر وقت ئي ميسر هوندو آهي، فرض ڪيو! سخت گرمي آهي، اسان صحرا ۾ آهيون ۽ اُڃ بہ شدت جي لڳي آهي، هاڻي اڌ گلاس بہ پاڻي ملي ويو تہ ان جي اهميت اسان جي دل ۾ تمام گهڻي هوندي، اسان ان کي استعمال ڪرڻ ۾ وڏو احتياط ڪنداسين، ان کي ڪرڻ ۽ ضايع ٿيڻ کان بچائينداسين، اها ئي ڳالهہ آهي تہ جيڪا شيءِ ضرورت جي وقت ملندي آهي، ان جي اهميت وڏي ويندي آهي، ان ڪري ئي قرآن ڪريم موقعي بموقعي نازل ڪيو ويو، جڏهن جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي ڪنهن نئين رهنمائي جي ضرورت هوندي هئي، تڏهن تڏهن قرآن نازل ٿيندو هو). اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: انسان ٻار جي صورت ۾ پيدا ٿيندو آهي، پوءِ جوان ٿيندو آهي، پوءِ پوڙهو ٿيندو آهي، الله پاڪ تہ ان کي پوڙهو پيدا ڪرڻ تي بہ قادر آهي، پوءِ پوڙهو پيدا ڇو نہ ڪيائين؟ انسان پوک ڪندو آهي، ڀريان ٻوٽو نڪرندو آهي، پوءِ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ان ۾ سنگ ايندو آهي، ان ڪانپوءِ داڻو نڪرندو آهي، الله پاڪ تہ قادر آهي تہ هڪدم داڻو پيدا فرمائي، پوءِ ائين ڇو نہ ڪيائين...؟

هي علمي، حڪمت ڀريو ۽ آسان جواب ٻڌي ان غير مسلم جي تسلي ٿي وئي. هاڻي هن ٻيو سوال پڇيو، چيائين: توهان جي نبي کي خدا معراج جي رات پاڻ وٽ گهرايو هو، جيڪڏهن اهي واقعي خدا جا محبوب هئا تہ انهن کي دنيا ۾ واپس ڇو موڪليو ويو؟

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن بظاهر مشڪل سوال جو آسان جواب ڏيندي

فرمايو: (ان کي هڪ مثال سان سمجهو! فرض ڪيو) هڪ بادشاهه آهي، هن پنهنجي ملڪ جو نظام هلائڻ لاءِ پنهنجو هڪ نائب مقرر ڪيو، ان نائب ملڪ جو انتظام تمام سٺي طريقي سان بادشاهه جي خواهش مطابق نهايت خوبصورتيءَ سان هلايو، هاڻي بادشاهه پنهنجي نائب کي انعامن سان نوازڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. هاڻي ٻڌايو! بادشاهه ان نائب کي انعامن سان نوازي واپس موڪلي ڇڏيندو يا ان کي ان جي عهدي تان هٽائي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيندو؟ (يقيناً ان نائب کي انعامن سان نوازي فرمايو ويندو: توهان تمام سٺو ڪم ڪيو، پنهنجو ڪم جاري رکو!).

ايتري دل نشين، آسان ترين ۽ حڪمت ڀريل انداز ۾ پنهنجي سيني سوالن جا جواب ٻڌي غير مسلم چيو: مون کي سيني سوالن جا جواب ملي ويا، مان پنهنجي زال ٻارن کي آڻيان ٿو، اسان سڀ اسلام قبول ڪنداسين. (بعد ۾ انهن سيني اسلام قبول ڪري ورتو).[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترو خوبصورت ۽ پيارو پيارو انداز آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هي آهي اعليٰ حضرت جو شان...!! هاڻي ٿورو اها آيت سڳوري ٻيهر ٻڌو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ مِمَّنْ خَلَقْنَاۤ اُمَّةٌ یَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ (پاره:9، سورهٔ اعراف:181) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان جي مخلوق مان هڪ اهڙو ٽولو آهي جيڪو حق جي هدايت ڏيندو آهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خائفِ ڪبريا | هيں رضا، هيں رضا | عاشقِ مصطفٰے | هيں رضا، هيں رضا |
| صوفیِ باصفا | هيں رضا، هيں رضا | صاحبِ اِتّقا | هيں رضا، هيں رضا |
| عاشقِ اوليا | هيں رضا، هيں رضا | زينتِ اَتْقِيا | هيں رضا، هيں رضا (2) |

## اعليٰ حضرت بيان فرمائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حق جو معيار ۽ آهن

1... حياتِ اعلیٰ حضرت، جلد:1، صفحه:331-334 ۔
2... وسائلِ فردوس، صفحه:62 ملتقطاً۔

۞ بي مثال مفتي بہ آهن ۞ بي مثال محدث بہ آهن ۞ بي مثال مفسر بہ آهن ۞ ائين ئي پاڻ بي مثال واعظ شيرين بيان (منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ وارا) خطيب بہ آهن. مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو بيان معنيٰ خيز علمي ۽ ڏاڍو اثر ڪرڻ وارو هو. سندن ڪڏهن ڪو بيان اهڙو نہ ٿيو، جنهن ۾ ماڻهن تي رقت طاري نہ ٿي هجي، جڏهن پاڻ بيان فرمائيندا هئا تہ هر طرف کان خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سبب روئڻ جا آواز بلند ٿي ويندا هئا.[1]

## پاڪ محفل ۾ نوراني تجلي

خليفہ اعليٰ حضرت برهان الدين جبل پوري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه چون ٿا: هڪ پيري بمبئي جي هڪ مسجد ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو بيان ٿيو، مان بہ حاضر هيس، مسجد ۾ پير رکڻ جي بہ جاءِ نہ هئي، يعني ماڻهن جو ايترو گهڻو هجوم هو جو مسجد ۾ جاءِ باقي نہ هئي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ڏاڍو پيارو ۽ علمي بيان ڪيو، بيان شروع ٿيندي تقريباً 1 ڪلاڪ گذري ويو هو، اوچتو مون کي ننڊ جي جهوٽو (اونگهہ) اچي وئي، خواب ۾ ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ عجيب دلڪش نور پوري محفل تي ڇانيل آهي. مان خواب ڏسي ئي رهيو هيس تہ ڪنن ۾ درود و سلام جو آواز آيو، جنهن کي ٻڌي مان جاڳي پيس. ڇا ٿو ڏسان تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه منبر تان هيٺ بيٺا آهن، هٿ ٻڌل آهن، اکين مان ڳوڙها جاري آهن ۽ وڏي آواز سان پڙهي رهيا آهن:

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله

ڪافي دير درود و سلام پڙهڻ کانپوءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پيهر منبر تي ويٺا ۽ پوءِ وري بيان شروع ڪري ڇڏيو. محفل ختم ٿي، سڀ گهرن ڏانهن هليا ويا. ٻئي ڏينهن جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين تہ ڏٺوسين: هڪ سفيد ڏاڙهي وارا صاحب سندن خدمت ۾ حاضر آهن، اکين مان ڳوڙها جاري آهن. هنن چيو: رات مان محفل ۾ موجود هيس، مسجد جي وچ واري دروازي سان ٽيڪ لڳائي ويٺو هيس، بيان شريف ٻڌندي ٻڌندي

1... فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:124

اوچتو مون کي ننڊ اچي وئي، ڇا ٿو ڏسان تہ پوري محفل تي نور ڇانيل آهي، پوءِ ڪنن ۾ درود و سلام جو آواز پيو ۽ اک کلي وئي، ڏٺم تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه درودِ پاڪ پڙهي رهيا هئا.

اهو ٻڌي برهان الحق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه چيو: مون بہ اهو ئي منظر رات جي محفل ۾ ڏٺو. ان تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: سرڪارِ اعظم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم هو تہ (رات محفل ۾) تجلي فرمائي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو شان آهي...!! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عظيم ترين عاشقِ رسول آهن، هي بہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انتهائي ڪرم نوازي هئي جو پاڻ جڏهن بيان فرمائي رهيا هئا تہ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت محفلِ پاڪ ۾ تجلي فرمائي.

## درس ۽ بيان سکي وٺو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان بہ فرمائيندا هئا، جڏهن پاڻ ٻئي ڀيري حج تي ويا، بحري جهاز جو سفر هو ۽ بحري جهاز ۾ جده پهچندي ڪيترائي ڏينهن لڳندا آهن، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو معمول مبارڪ هو، روزانو مسافرن کي گڏ ڪري بيان فرمائيندا هئا ۽ انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ درس ۽ بيان ڪرڻ گهرجي، هي وڏو فضيلت وارو ديني ڪم آهي، جيڪڏهن درس ڏيڻ اچي ٿو، بيان ڪرڻ اچي ٿو تہ ان جي عادت بڻايو، جيڪڏهن نٿو اچي تہ سکڻ ڏانهن وڌو.

## سڀ کان سٺي ڳالهہ

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ اَحۡسَنُ قَوۡلًا مِّمَّنۡ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ (پاره: 24، سورۂ حم السجدة:33)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهہ چڱي جيڪو الله جي طرف سڏي.

1 ... فيضانِ اعلىٰ حضرت، صفحه:127-128 ملخصاً۔

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ ان کي تروتازو رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ان کي ياد رکي ۽ بين تائين پهچائي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! هڪ ديني ڳالهه پهچائڻ جي هي فضيلت آهي ته سوچيو! پوري درس ۽ پوري بيان ۾ ته ڪيترين ئي آيتون، ڪيترين ئي حديثون، ڪيترين ئي ديني ڳالهيون شامل هونديون آهن ته جيڪو سنين سنين نيتن سان درس ڏئي، بيان ڪندو ڪري، ان لاءِ ڪيترو اجر ۽ ثواب هوندو.

## بيان ڪرڻ سنتِ انبياء آهي

ياد رکو! درس ڏيڻ، بيان ڪرڻ سنتِ انبياء آهي. سيئي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام دين جو درس ڏيندا هئا ۽ پنهنجي قوم کي وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هئا. تنهن ڪري اسان کي به پنهنجو ذهن بڻائڻ گهرجي ۞ درس ڏيڻ، بيان ڪرڻ سان ماڻهوءَ کي ڳالهائڻ جو سليقو ايندو آهي ۞ هٻڪ دور ٿيندي آهي ۞ خود اعتمادي وڌندي آهي ۞ ظاهر آهي درس ۽ بيان جي تياري به ڪرڻي پوندي آهي، علمِ دين پڙهڻو پوندو، ديني مطالعو ٿيندو ته اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! معلومات ۾ اضافو ٿيندو ويندو ۞ نيڪي جي دعوت جي فضيلت حاصل ٿيندي ۞ اسان جي درس يا بيان جي ڪا هڪ به ڳالهه ڪنهن جي دل تي اثر ڪري وئي ۽ اهو نيڪ ڪمن ۾ لڳي ويو ته اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اسان لاءِ صدقه جاريه بڻجي ويندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## اعليٰ حضرت جو هڪ علمي مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه راهِ حق جي هدايت ڏيڻ وارا، ڀٽڪيلن کي سڌو رستو ڏيکارڻ وارا آهن، پاڻ درس به ڏيندا هئا، بيان به فرمائيندا هئا. سندن شانن ۾ هڪ شان هي به آهي ته الله پاڪ اوهان جي زبانِ

1 ... ترمذی، ص626،حديث:2656

پاڪ ۾ گهڻي تاثير رکي هئي، جيڪو سندن پياريون پياريون ڳالهيون ٻڌي وٺندو هو، ان جي دل نرم ٿي ويندي هئي.

28 رجب شريف، سن 1337 هجري، جمعي جو ڏينهن هو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جبل پور ۾ تشريف فرما هئا، عصر جي قريب جو وقت هو، مريد ۽ عاشق گڏ ٿي ويا، مختلف علمي سوال جوابن جو سلسلو شروع ٿيو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان دوران بدمذهبن ۽ برن ماڻهن جي صحبت کان بچڻ جي متعلق مدني گل ارشاد فرمايا.

اعليٰ حضرت جو شهزادو علامہ مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو: ان جلسي ۾ ڪجهہ اهي ماڻهو بہ هئا جيڪي بدمذهبن وٽ ويهندا هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جون قيمتي نصيحتون ٻڌي اهي دل ئي دل ۾ سندن کي ملامت ڪري رهيا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ مان توبہ ۽ استغفار جو آواز بہ اچي رهيو هو، ان موقعي تي هڪ صاحب ندامت سان اٿيو ۽ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي قدمن تي ڪري توبہ ڪرڻ لڳو.

ان تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: پائرو! هي وقت نزول رحمت جو آهي، سيئي پنهنجن پنهنجن گناهن کان توبہ ڪن، جن جا پوشيده گناهہ هجن، اهي دل ئي دل ۾ توبہ ڪن ۽ جن جا اعلانيہ گناهہ هجن، اهي اعلانيہ توبہ ڪن. سڀ سچي دل سان توبہ ڪن تہ الله رب العزت اهڙي ئي توبہ قبول فرمائي ٿو. مان دعا ڪريان ٿو تہ الله پاڪ اوهان سڀني کي استقامت عطا فرمائي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي انهن چند جملن محفل جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو، سندن زبان مبارڪ جي تاثير اهڙي هئي جو ماڻهو دانهون ڪري روئڻ لڳا، عجيب پرڪيف سماع هو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ بہ روئي روئي مغفرت جون دعائون گهري رهيا هئا. شهزاده اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي وضاحت مطابق ان موقعي تي ڪل 107 افرادَ پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي ۽ نيڪ رستي جا مسافر بڻجي ويا.(1)

1… ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:302 ملخصاً ۔

سُنّتوں کو جِلا دیا جس نے، دِیں کا ڈنکا بجا دیا جس نے
وہ مُجَدِّد ہے دِین و مِلَّت کا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
جو ہے اللہ کا ولی بےشک، عاشِقِ صادِقِ نبی بےشک
غوثِ اعظم کا جو ہے متوالا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
جس نے اِحْقاقِ حق کیا کُھل کر، رَدِّ باطِل کیا سدا کُھل کر
جو کسی سے کبھی نہ گھبرایا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!

الله پاڪ سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي صدقي اسان کي بہ سچي پڪي توبہ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## اعليٰ حضرت جون وصيتون

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مريدن، پنهنجي چاهڻ وارن، مڃڻ وارن کي مختلف قسم جون وصيتون ۽ نصيحتون فرمائيندا هئا، اچو! سندن ڪجھ وصيتون ۽ نصيحتون ٻڌون ٿا:

### (1): مذهبِ اهلِ سنت تي قائم رهو

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مريدن کي فرمائن ٿا: ۞ مذهبِ اهلسنت و جماعت تي قائم رهو ۞ جيترا بدمذهب مثلاً نيچري، قادياني وغيره آهن، انهن سيني کان جدا رهو ۞ انهن سيني کي پنهنجو دشمن ڄاڻو ۞ انهن جي ڳالھ نہ ٻڌو ۞ انهن وٽ نہ ويهو ۞ انهن جي ڪا تحرير نہ ڏسو جو شيطان کي معاذ الله! دل ۾ وسوسو وجهندي ڪا دير ناهي لڳندي.

ماڻهوءَ کي جتي مال يا عزت ۽ آبرو جو انديشو هجي، اتي هرگز نہ ويندو، دين ۽ ايمان سڀ کان وڌيڪ عزيز آهن، انهن جي حفاظت لاءِ حد کان وڌيڪ ڪوشش فرض آهي، مال ۽ دنيا جي عزت، دنيا جي زندگي، دنيا تائين ئي آهي، دين ۽ ايمان سان هميشگي جي گھر (يعني آخرت) ۾ ڪم پوندو آهي، تنهن ڪري دين ۽ ايمان جو فڪر سڀ کان وڌيڪ لازمي آهي.

## (2): پنج وقتي نماز جي پابندي ڪريو!

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا: پنج وقتي نماز جي پابندي نهايت ضروري آهي، مردن کي مسجد ۾ جماعت جو التزام (يعني پابندي سان مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ) بہ واجب آهي، بي نمازي مسلمان جڏڪ تصوير جو ماڻهو آهي جو ظاهر صورت انسان جي پر انسان جو ڪم ڪجهہ نہ، بي نمازي صرف اهو ئي ناهي جيڪو ڪڏهن نہ پڙهي، بلڪ جيڪو هڪ وقت جي بہ قصداً (ڄاڻي واڻي) ڇڏي ڏئي، اهو بہ بي نمازي آهي.

## نماز مرڻ وقت تائين معاف ناهي

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هڪ سوال جو جواب ڏيندي فرمائن ٿا: جيستائين عقل باقي آهي، ڪنهن بہ وقت ۾ نماز معاف ناهي. حالتِ سفر ۾ يا اهڙي مرض ۾ جو روزو رکڻ جي طاقت نہ هجي، رمضان شريف جا روزا قضا ڪرڻ (يعني ان وقت ڇڏي بعد ۾ رکي وٺڻ) جي اجازت آهي.[1] اهڙي طرح زڪوات صاحبِ نصاب تي ۽ حج صاحبِ استطاعت تي فرض آهي پر نماز سڀني تي هر حال ۾ فرض آهي.[2] جيڪو بيمار آهي، ويهڻ جي طاقت نٿو رکي تہ پيت، لٺ يا ڪنهن شخص جي سهاري ويهي نماز ادا ڪري، جيڪو بلڪل ويهي نٿو سگهي، اهو ويهي پڙهي، جيڪڏهن ويهي بہ نٿو سگهي تہ ليٽي ليٽي اشارن سان پڙهي.[3]

غرض: نماز مرڻ وقت تائين معاف ناهي.[4] اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| ▪ وَ اعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿۹۹﴾ (پارہ:14 ، سورۂ حجر:99) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪندو رهہ جو تو کي موت اچي وڃي. |
| هر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز |

1... ردالمحتار علی الدرالمختار، کتاب الصوم ،فصل فی العوارض،جلد:3 ،صفحہ :462 -465۔
2... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:279 ۔
3... حلبی کبیر، الثانی: القیام، صفحہ:261 -262، ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:279 ملتقطاً ۔
4... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:279 ملتقطاً ۔

| | |
|---|---|
| قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صِحَّت نَماز |
| نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | ربّ سے دلوائے گی تم کو جنَّت نَماز |
| پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز |
| بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز |

## (3): قضا نمازون ادا ڪيو!

جيتريون نمازون قضا ٿي ويون هجن، سيني جو اهڙو حساب لڳايو جو اندازي ۾ باقي نہ رهن، وڌيڪ ٿي وڃن تہ حرج ناهي، ۽ اهي سڀ (قضا نمازون) بقدرِ طاقت رفتہ رفتہ تمام جلد ادا ڪيو، ڪاهلي ۽ سستي نہ ڪيو جو موت جو وقت معلوم ناهي.

## (4): قضا روزا رکي وٺو!

پيرِ ڪامل اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجن مريدن کي نصيحت ڪندي وڌيڪ فرمائن ٿا: جيترا روزا ڪڏهن قضا ٿيا هجن، ٻيو رمضان اچڻ کان پهريان پورا ڪري ڪيا وڃن جو حديث شريف ۾ آهي: جيستائين پوئين رمضان جي روزن جي قضا نہ ڪئي وڃي، ايندڙ قبول نه ٿيندا.[1]

## (5): زڪوات ادا ڪريو!

جيڪي مالدار آهن (۽ زڪوات فرض ٿيڻ جا ٻيا شرط بہ موجود هجن تہ اُهي) زڪوات بہ ڏين، جيترن سالن جي نہ ڏني هجي، فوراً حساب ڪري ادا ڪن، هر سال جي زڪوات سال مڪمل ٿيڻ کان پهريان ڏئي ڇڏين، سال پورو ٿيڻ کانپوءِ دير ڪرڻ گناهہ آهي، تنهن ڪري سال جي شروع کان رفتہ رفتہ ڏيندا رهو، سال مڪمل ٿيڻ تي حساب ڪيو، جيڪڏهن پوري ادا ٿي وئي بهتر، ورنہ جيتري باقي هجي، فوراً ڏئي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن ڪجهہ وڌيڪ نڪري وئي آهي (يعني جيتري زڪوات نهندي هئي، ان کان وڌيڪ رقم راهِ خدا ۾ زڪوات جي نيت سا ڏئي چڪا آهيو، ايتري رقم) ايندڙ سال ۾ منها (يعني گهٽ) ڪري وٺو. الله پاڪ ڪنهن جو نيڪ ڪم ضايع ناهي ڪندو.

1... مسند احمد، مسند ابو بريره، جلد:3، صفحه:266، حديث:8629۔

## (6): حجِ فرض ادا ڪيو!

صاحبِ استطاعت تي حج فرض آهي، الله پاڪ ان جي فرضيت بيان ڪري فرمايو:

وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۷﴾ (پاره:4، سورة ال عمران:97)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو انڪار ڪري ته الله سڄي جهان کان بي پرواهه آهي.

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حج ترڪ ڪرڻ واري جي متعلق فرمايو: چاهي يهودي ٿي مري يا نصراني ٿي.[1]

## (7): باطني مرضن کان بچو

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجن مريدن کي وڏيڪ نصيحتون ڪندي فرمائن ٿا: ڪذب (ڪوڙ)، فحش (يعني بي حيائي)، چغلي، غيبت، زنا، لواطت، ظلم، خيانت، ريا، تڪبر، ڏاڙهي ڪترائڻ، فاسقن جا انداز اپنائڻ ۽ هر بري خصلت کان بچو.

جيڪو انهن (بيان ڪيل سيني) ڳالهين جو عامل رهندو، الله ۽ رسول جي وعدي سان ان لاءِ جنت آهي.[2]

## رضويات ۽ دعوتِ اسلامي

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عاشقِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن، پاڻ صرف اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پڙهائيندا ناهن بلڪ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پيارينڊا آهن، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان محبت جو ئي فيضان آهي جو اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي رضويات تي ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي. ❁ دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي شعبي المدينة العلميه ۾ باقاعده

1... ترمذی ، کتاب الحج، صفحہ:223، حدیث:812۔
2...حیاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:353تا354ملتقطاً۔

رضويات تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ شعبو: شعبه ڪتب اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قائم آهي جنهن جي تحت هينئر تائين اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا تقريباً 19 ڪتاب ۽ رسالا منظرِ عام تي اچي چڪا آهن. ان کان علاوه I.T ڊپارٽمينٽ طرفان 2 ايپليڪيشنز (1): فتاويٰ رضويه Fatawa Razwia آهي ۞ جنهن ۾ فتاويٰ رضويه جا سڀ جلد شامل آهن ۽ هر جلد جي تحت رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست ۞ فتاويٰ رضويه جي سيني رسالن جي الڳ فهرست ۞ ايڊوانس سرچ (Advanced Search) جو فيچر ۞ ۽ پنهنجي پسنديده ڳالهه کي نوٽ ڪرڻ جو فيچر شامل آهي (2): بي ايپلي ڪيشن ڪلامِ رضا Klam-e-Raza. جنهن ۾ امامِ اهلسنت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مشهورِ زمانه نعتيه مجموعو حدائق بخشش کي حروفِ تهجي جي ترتيب تي شامل ڪيو ويو آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجي مطلوبه ڪلام کي سرچ (search) ڪرڻ ۞ مخصوص ڪلامن کي آڊيو (Audio) وڊيو (Vedio) ۾ ٻڌڻ ڏسڻ ۞ ۽ پسنديده ڪلامن کي فيورٽ (Favorite) ڪري الڳ سان محفوظ ڪرڻ جي سهولت موجود آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل (Madani Chanal) جي پروگرام نغماتِ رضا (جنهن ۾ حدائق بخشش جي چوند ڪلامن جي شرح بيان ڪئي وئي آهي) کي به شامل ڪيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| اللہ کی نِعمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی | آقا کی عِنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی |
| فیضانِ رضا ہے اور یہ غوث کا فیضاں ہے | خواجہ کی حِمایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی (1) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 1500 هون جشن جي وڏيڪ ڌوم ڇو؟

اَلْحَمْدُلِلّٰه! سڄي دنيا ۾ 1500 هين جشنِ ولادت جي ڌوم مچيل آهي. عاشقانِ رسول خوش آهن، ڪوششون جاري آهن ته هن ڀيري پهريان کان وڌيڪ ميلاد ملهايو وڃي. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. آمين.

---

1... وسائلِ فردوس، صفحه:44، 45 ملتقطاً.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1500 واں جشنِ ولادت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے شاہِ ختمِ نبوت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت و شان و شوکت | مرحبا! صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا! صد مرحبا! | گود میں آئی ربّ کی رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |

ذهنن ۾ سوال اٿي رهيا هوندا تہ جيڪڏهن 1500 هون جشنِ ولادت آهي تہ پوءِ ان ۾ انوکي ڳالهہ ڪهڙي آهي؟ ان ۾ انوکي ڳالهہ آهي. ڏسو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ﴿۴﴾

(سيپارو: 30، سورة الضحی:4)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان جي لاءِ هر پوئين گهڙي پهرين کان بهتر آهي.

يعني اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پهرين کان ئي هي شان آهي تہ پاڻ انتهائي اعليٰ رتبو رکن ٿا، جڏهن کان الله پاڪ پاڻ سڳورن کي پيدا فرمايو آهي، تڏهن کان وٺي هينئر تائين پاڻ ئي سڀ کان افضل، سڀ کان اعليٰ، سڀن جا آقا ۽ سڀن جا حاجت روا آهن.

بَعْدُ اَزْ خُدَا بُزُرْگ تُوئِی قِصَّهٔ مُخْتَصَر

پوءِ، تمام گهڻي افضل ۽ اعليٰ رتبي سان گڏ، الله پاڪ پاڻ سڳورن کي هي شان بہ بخشيو آهي تہ هر لمحي سندن شانن ۾ واڌارو ئي واڌارو ٿيندو پيو وڃي، هر ايندڙ لمحو، هر ايندڙ سيڪنڊ، هر ايندڙ منٽ سندن شانن ۾ وڌ کان وڌ واڌارو ڪندو پيو وڃي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي شانِ مصطفيٰ آهي. توهان اندازو لڳايو! جن جا شان پهريان ئي سيني نبين کان بہ بلند آهن، اهي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي رات جي هڪ مختصر ترين حصي ۾ عرش کان مٿي تائين جو سفر ڪري، الله پاڪ جي قربِ خاص جون سڀ منزلون طئي ڪري واپس تشريف آڻي سگهن ٿا، جن جي رات جي مختصر لمحي جي پرواز ايتري تہ بلند آهي، 1500 سالن ۾ سندن شانن ۾ ڪيترو واڌارو ٿي چڪو هوندو...؟.

اسان صرف اندازو لڳائي سگهون ٿا، هنن جي شاڻ جو حال هي آهي تہ

تیرا وصف بیاں ہو کس سے، تیری کون کرے گا بڑائی
اِس گردِ سَفَر میں گُم ہے، جبریلِ اَمیں کی رَسائی

صرف زميني حقيقتون اوهان جي سامهون رکان ٿو. هڪ عالمي ريسرچ اداري جي رپورٽ مطابق صرف يورپ ۾ (جتي غير مسلم حڪومت آهي) سالانو هڪ لک ماڻهو اسلام قبول ڪري غلاميءِ مصطفيٰ ۾ اچن ٿا.

هاڻي اَلْحَمْدُلِلّٰه! دنيا ۾ 2.6 ارب مسلمان آهن. يعني دنيا جو تقريبن هر چوٿون ماڻهو مسلمان آهي. يقيناً هي 2.6 ارب مسلمان ملي ڪري بہ ڪنهن هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي قدمن جي دز تائين بہ نٿا پهچي سگهن. پر اسان صرف تعداد جي ڳالهہ ڪيون تہ حجة الوداع جي موقعي تي تقريبن هڪ لک 24 هزار صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم هئا، يعني ان وقت هڪ لک 24 هزار دليون يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپنديون هيون، هڪ لک 24 هزار زبانون ذڪرِ مصطفيٰ ڪنديون هيون ۽ 2 لک 48 هزار ڪن ذڪرِ مصطفيٰ ٻڌي سرور حاصل ڪندا هئا. هاڻي اَلْحَمْدُلِلّٰه! يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپندڙ دلين، ذڪرِ مصطفيٰ ڪندڙ زبانن ۽ ذڪرِ مصطفيٰ ٻڌي خوش ٿيندڙ ڪنن جي تعداد ۾ 21 لک سيڪڙو واڌارو ٿي چڪو آهي.

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سندن شانن جو واڌارو ڪيترو ٿيو، ان جو تہ اسان کي علم ئي ناهي. اسان جيڪي 1500 هون جشن جون ڌومون مچائي رهيا آهيون، اها انهن نامعلوم شانن جي بہ خوشي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن 21 لک سيڪڙو واڌاري جي بہ خوشي آهي. الله پاڪ اسان کي خوب ڌوم ڌام سان 1500 هون جشنِ ولادتِ مصطفيٰ ملهائڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمين.

## 12: ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم؛ علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڳين بزرگن جي عقيدن تي پختگي حاصل ڪرڻ، صراط مستقيم تي استقامت ماڻڻ، محبتِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان دل جي گلن کي مهڪائڻ لاءِ هر دم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو! 12 ديني ڪم بہ خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا رهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽

آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو بہ آهي.

حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مٽيءَ هاڻا ٿيا، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي[1] ۞ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، برائي کان منع ڪرڻ لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ بازارن ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ۞ مختلف قبيلن ۾ وڃي بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا.[2] دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۞ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي ۞ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي ۞ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۞ اسان ان کي علائقائي دورو چوندا آهيون. اوهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علائقائي دورو ڪندا رهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ سنتِ انبياء تي عمل جي سعادت ملندي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ حديثِ پاڪ مطابق نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي[3] ۞ جيڪڏهن اسان جي نيڪي جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين مڃو! بيڙو پار ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شرابي قافلي جو مسافر بڻجي ويو

عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو (گجرات، هندستان) پهتو قافلي جا شريڪ علائقائي دورو ڪرڻ لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف وٺي ويا، علائقائي دوري دوران هڪ شرابي کي سمجهايو ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اهو شرابي قافلي وارن سان گڏ

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔

2... سيرتِ مصطفيٰ، صفحہ:115 اور 144 ملتقطاً۔

3... ترمذي، صفحہ:628، حديث:2670ملتقطاً۔

مسجد اچي ويو، اسلامي ڀائر ان سان ايتري بااخلاق طريقي سان پيش آيا جو اهو 6 ڏينهن تائين قافلي وارن سان گڏ رهيو، علائقائي دوري جي برڪت ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت سبب هن گناهن کان توبہ ڪئي، ڏاڙهي سجائي، عمامي شريف جو تاج بہ مٿي تي سجائي ورتو ۽ قافلن جو مسافر بہ بڻجي ويو.

| | |
|---|---|
| گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی | چڑھائے گا ایسا نشہ دینی ماحول |
| تُو آ بے نَمازی، ہے دیتا نمازی | خدا کرم سے بنا دینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چند ضروري اعلان

هر هفتي اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چئنل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ماھ ربيع الاول شريف جي چنڊ رات کان وٺي ٻارهين رات تائين اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي مان براهِ راست مدني مذاڪرو فرمائيندا. عاشقانِ رسول (جن کان ٿي سگهي اهي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ تشريف آڻي هنن مدني مذاڪرن ۾ شريڪ ٿين، ۽ جيڪڏهن چاهين تہ پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ اجتماعي طور تي هنن مدني مذاڪرن کي ڏسڻ جو اهتمام ڪن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

مڪتبة المدينہ پاران قرآن، حديث، عقائد، تصوف ۽ فقہ ۾ مهارت رکندڙ عظيم الشان عالمِ دين، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪندڙ 2 رسالا شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي وئي آهي:

1. **تذڪره امام احمد رضا**
2. **امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون 25 ڳالهيون**

ان سان گڏوگڏ 60 موضوعن تي مشتمل هڪ خوبصورت ڪتاب "**فيضانِ**

**امامِ اهلسنت** "بہ شايع ڪيو ويو آهي. اوهان رسالو "**تذڪره امام احمد رضا**" 15 رپين ۾، رسالو "امام **احمد رضا خان** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه **جون 25 ڳالهيون**" **55 رپين** ۾ ۽ ڪتاب "**فيضانِ امامِ اهلسنت**" 1500 **هين جشنِ ولادت** جي اسپيشل ميگا ڊسڪائونٽ آفر تي **353رپين** جي رعايتي قيمت تي حاصل ڪري سگهو ٿا.

**1500هين جشنِ ولادت جي خوشي ۾ مڪتبة المدينہ جي شاندار پيشڪش!**

**25صفر شريف، يومِ اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه **(19 آگسٽ) ڪان وني يومِ تحفظِ عقيده ختم نبوت (7 سيپٽمبر) تائين،** يعني عرسِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ڪان وني يومِ تحفظِ عقيده ختم نبوت تائين، مڪتبة المدينہ جون سيئي پروڊڪٽس **15٪سيڪڙو خصوصي رعايت** تي حاصل ڪريو!

اهڙيءَ طرح هن عظيم موقعي تي اوهان هينيون شيون بہ مڪتبة المدينہ جي دڪانن تان خريد ڪري سگهو ٿا يا انهن جا آرڊر ڏئي سگهو ٿا:

- **مدني جهنڊا (هر سائيز جا)**
- **بائيڪ، ڪار ۽ ٽيبل فليگ**
- **فلاور اسٽڪ**(Flower Stick)
- **دلڪش نعلين شريف جا بيجز**
- **جشنِ ولادت لاءِ دعوتِ اسلامي جا بينر**

**جلدي ڪريو، جشنِ ولادت جي تياري بہ ڪريو ۽ فائدو بہ وٺو**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

---

1... تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343.

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# کاڌو کارائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): جيڪو ڪنهن بکايل کي کاڌو کارائي، الله پاڪ ان کي جنت جا ميوا کارائيندو.[1] (2): جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي بک مِٽائڻ جو اهتمام ڪري ۽ ان کي کاڌو کارائي ايستائين جو هو ڍؤ ڪري ته الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.[2]

اي عاشقانِ رسول! کاڌو کارائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ۞ اسان جا پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بين کي کاڌو کارائڻ پسند فرمائيندا هئا ۞ حضرت سيّدنا طلحہ بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طرفان اصحاب صفہ لاءِ ڪجيون مقرر هيون، جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو انهن وٽ موڪليندا هئا.[3] ۞ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان صفہ ۾ هُيس تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڏانهن عجوه ڪجورون موڪليون.[4] ۞ اي عاشقانِ رسول! هي چند مثال آهن، ورنہ حقيقت تہ اها آهي تہ جنهن کي جيڪو بہ ملندو آهي، اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صدقو ئي ملندو آهي، پوري دنيا سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي صدقو کائي رهي آهي.

کھاتے ہيں تيرے در کا، پيتے ہيں تيرے در کا | پانی ہے تيرا پانی، دانہ ہے تيرا دانہ

الله پاڪ اسان کي بہ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي پنهنجن مسلمان ڀائرن جي خيرخواهي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

1… ابو داؤد، ڪتاب:زکوٰۃ، باب:سقی الماء، صفحہ:274، حديث:1682۔
2… مسند ابی يعلی، ثابت البنائی عن انس، جلد:3، صفحہ:138، حديث:3420۔
3… معجم کبير، جلد:4، صفحہ:388، حديث:8086۔
4… مستدرک، ڪتاب:الاطعمہ، جلد:5، صفحہ:165، حديث:7214۔

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جي "**بهارِ شريعت**" **جلد**:3، حصو:16 ۽ امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو "**550 سنتون ۽ آداب**" خريد فرمايو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہیئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... وسائل بخشش، صفحہ:669۔